ذوالفقار علي جلباڻي

# ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي تذڪره نويسيءَ جو جائزو


***Abstract:***

*Sindhi literature is immensely rich and preserved whether it be poetry, stories, novels or any other form of literature. The same is a result of unstoppable strives and struggles of sindhi authors. One such extra ordinary writer is Dr. Hamid Ali Khanai who is among the leading writers from Sindh, however, his work has not been adequately highlighted or finds mention in Sindhi literature. In this paper, an attempt has been made to unveil some of his exceptional collections which include:*

1. *Tazkarah _e_ Kotai saadaat Rohri )A descriptive account of syeds of Rohri; Published in 1998)*
2. *Tazkarah _ i _ Kotai saadaat sukkur (A description of the Kotai saadaat sukkur; Published in 2001)*
3. *Tazkarah _ i _ Shuara Rohri (A description of the poets of Rohri: unpublished).*

*I have presented a brief introduction of the collection of Dr. Hamid Ali khanai's aformentioned three exceptional writing collections.*


**حامد** علي خانائي سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جو رهاڪو، هڪ اهڙو عالم، اديب، نقاد ۽ محقق رهيو آهي، جنهن سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جي مختلف پهلوئن تي تمام گهڻو تحقيقي ڪم ڪيو. هن جي تحقيقي ڪم مان معلوم ٿئي ٿو ته هن نوجوان نسل ۽ ادب پرورن کي وڏو علمي، ادبي ۽ تحقيقي سرمايو ڏنو آهي، جنهن مان اسان جي نوجوان نسل جي ذهني تربيت ٿئي ٿي. سندس ادبي ڪم ١٩٥٥ع کان ٢٠١٠ع تائين، پنجونجاهه سالن تي محيط آهي. اڌ صديءَ تي مشتمل سندس تحريرون جن ۾، شاعري، افسانه نگاري ۽ مضمون نگاريءَ کان علاوه سنڌي ادب جون مختلف صنفون به شامل آهن. هن تحقيق ۽ تنقيد جي ڪيتر ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن. سندس تحقيقي ۽ تنقيدي ڪاوشن ۾ ڪيئي نوان سوال ۽ انهن جا جواب به ملن ٿا. حامد علي خانائي پنهنجي همعصر دور جي عالمن کان به متاثر رهيو ۽ انهن کي پنهنجي تحقيقي ۽ تنقيدي عمل سان متاثر به ڪندو رهيو. سنڌي ادب جي ميدان ۾ اڳ پيش ڪيل ڪيترن ئي نين





ڳالهين جو ادراڪ به حاصل ڪيائين ۽ پنهنجي علم جي آڌار تي، سنڌ جي عالمن جي لکڻين تي غور ويچار ڪندي، انهن سوالن ۽ موضوعن سان لاڳاپيل ڳالهين جي ڪيترن ئي پهلوئن تي قلم ڪنيائين. سندس انهيءَ تحقيقي عمل ۾، هڪ پهلو تذڪره نويسيءَ جو پڻ آهي، جنهن ڏس ۾ سندس هيٺيان تذڪرا شايع ٿيل ۽ لکيل آهن:

١. تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي: ١٩٩٨ع
٢. تذڪره پُوراني سادات سکر: ٢٠٠١ع
٣. تذڪره شعراءِ روهڙي (اڻڇپيل)

اڇو ته ڏسون 'تذڪرو' ڇا آهي؟ 'تذڪره/تذڪري' جي عالم هن طرح وضاحت ڪن ٿا:

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو ته: "هر زبان جي ادب جي شروعات، نثر بجاءِ 'نظم' سان ٿي آهي. انهي مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته انسان جو شعر ۽ شاعريءَ سان واسطو ڪُهنو آهي. انهيءَ لَنوُ لڳاءُ سبب انسان پنهنجي پسند جي شاعريءَ کي سيني ۾ سانڍڻ کان سواءِ، جڏهن قلم سان ڪاغذ تي تحرير ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن پنهنجي پسند ۽ گهرج موجب مختلف طريقن سان شاعريءَ کي ڪتابي صورت ۾ هٿيڪو ڪندو رهيو. هٿيڪي ڪرڻ جي طريقن مان هڪڙو طريقو شعر جي انتخاب جو به آهي، جنهن ۾ مختلف شاعرن جي ڪلام کي گڏ ڪيو ٿي ويو. انهيءَ انتخاب کي بياضن سڏيو ويو. انهيءَ بياض ۾ منتخب شعر سان شاعر جو نالو به ڏنو ويو، اڳتي هلي نالي سان گڏ، تخلص، سوانح ڪلام تي تبصري ۽ تنقيد کي پڻ شامل ڪيو ويو. اهڙي انتخاب يا بياض کي 'تذڪرو' سڏيو ويو." (هڪڙو: ٢٠١٣:١٩٠)

ساڳيو مصنف، ڊاڪٽر فرمان فتحپوريءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: "'بياض' ۾ رڳو شعر جو انتخاب هوندو آهي، جڏهن ته تذڪري ۾ شعر جي انتخاب سان گڏ، شاعرجو نالو ۽ تخلص جو به اضافو ڪيل آهي، بعد ۾ شاعرن جي نالن ۽ تخلصن ۾ خاص ترتيب آندي وئي آهي. ڪٿي اُها ابجد جي حرفن مطابق رکي ويندي آهي ته ڪٿي الفابيٽيڪل آرڊر ۾ انهيءَ سان گڏ مختصر سوانح ۽ ڪلام تي تبصري واري واڌ ٿي ۽ تذڪرو بياض کان اڳتي وڌي نيم تاريخي، نيم تنقيدي ۽ نيم سوانحي ادب ۾ داخل ٿي ويو. وقت ۽ حالتن جي تقاضائن تحت تذڪري تي 'ادبي تاريخ'، 'تنقيد ۽ سوانح نگاريءَ' جو رنگ گهرو ٿيندو ويو. انهيءَ ته رنگي سنگم کي، صحيح معنيٰ ۾ نه ادبي

تاريخ جو نالو ڏنو ويو، نه تنقيد سڏيو ويو ۽ نه ئي سوانح نگاريءَ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. اهوئي تذڪري جو فن قرار ڏنو ويو آهي. تذڪري جي عنصرن ۾ شاعرن جي مختصر حالتن، ڪلام تي سراسري تبصري ۽ شعر جي انتخاب کي هن فن جي عنصرن ۾ شامل ڪيو ويو.“(هڪڙو: ٢٠١٣: ٢)

مٿي تذڪري جي وضاحت ان ڪري ڪئي وئي آهي ته، جيئن اهو معلوم ڪري سگهجي ته، هن مقالي ۾ جنهن موضوع کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، اهو دراصل ڇا آهي؟ انهيءَ کان سواءِ، موضوع سان نيائي ڪونه سگهبو. مذڪوره موضوع تي اسان کي ڊاڪٽر انور 'فگار' هڪڙي جا ٻه مقالا ملن ٿا، تن جو اڀياس ڪيو ويو آهي. اهي ٻئي مقالا سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل 'ڪينجهر' شماري١٦، سال ٢٠١٣ع ۾، ۽ تحقيقي جرنل 'ڪينجهر' شماري ١٧، سال ٢٠١٤ع ۾ شايع ٿيل آهن. جن ۾ پهرئين مقالي ۾، سنڌ ۾ فارسي تذڪره نگاريءَ جي ابتدا ۽ ارتقا ۾، فارسيءَ جي ڪجھ تذڪرن جو مختصر ذڪر ڪيو آهي.

پهرئين مقالي ۾، شايع ٿيل سنڌي شاعرن جي تذڪرن جو مقالي جي آخر ۾ وچُور ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ٦٠ شايع ٿيل تذڪرن جا نالا ۽ تذڪرا نويس ۽ شايع ٿيل تذڪرن جا سال ڏنا ويا آهن ۽ ٻئي مقالي ۾، ساڳين ئي ٦٠ تذڪره نويسن کي جيئن جو تيئن مقالي ۾ رکيو ويو آهي.

جيئن ته، اسان جو موضوع آهي: 'ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي تذڪره نويسيءَ جو جائزو'، ان ڪري، اسان پنهنجي موضوع کي اڳ ۾ پيش ڪيل تحقيق جي روشنيءَ ۾ ڏنو ته، جيڪا ڳالھ سامهون آئي آهي، سا اسان جي تحقيق مطابق اڄ تائين. ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي ٽنهي تذڪرن کي ڪنهن به محقق، تحقيقي عمل هيٺ نه آندو آهي. ذڪر هيٺ آندل ٽئي تذڪرا اڪثر سنڌ جي محققن کان ڇڙ ته وسريل رهيا آهن. هتي انهن تذڪرن جي روشنيءَ ۾ ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي ادبي ڪردار جو ذڪر به ايندو، جنهن مان اهو معلوم ٿيندو ته، هُو ڪهڙي پائي جو نه وڏو محقق ۽ نقاد هو، جنهن جي خدمتن کي وساريو ويو آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي ٽنهي تذڪرن ۾، سکر ۽ روهڙيءَ جي تاريخ سان لاڳاپيل هر دؤر جون ڳالهيون لکيون آهن. جڏهن سندس پهرئين تذڪري جو اڀياس ڪجي ٿو ته، ان ۾، پنهنجي زبان ۽ ادب سان سچائيءَ نظر اچي ٿي هن





تذڪري مان سندس ذهانت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۽ ادبي ڳالهين کي قديم ماخذن مان ڳولي هٿ ڪري نهايت اهم معلومات ڏني ٿو، انهيءَ ڳالھ کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته، هن تذڪري کان اڳ ۾ اهڙي مفيد نوعيت واري معلومات ڪنهن به تذڪره نويس پيش نه ڪئي آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي 'تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي'، جي مُهاڳ ۾ لکي ٿو ته: ”هن ڪتاب ۾ شامل مواد، سنڌ جي تواريخ جي وڃايل ڪڙين مان هڪ اهم ڪڙي آهي، جنهن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته، سنڌ جي سرزمين مان ڪهڙا نه وڏا اڪابر ۽ بصيرت جا صاحب ٿي گذريا آهن، جن اعليٰ منصب حاصل ڪيا ۽ پنهنجي سياسي تدبر سان ملڪي انتظام کي صحيح معنيٰ ۾ هلائڻ جا جوهر ڏيکاريا. مير يعقوب علي خان رضويءَ جي تذڪري سان گڏ، سندس اولاد مان هڪ ٻئي پٺيان جيڪي گادي نشِين ٿيندا آيا آهن، تن جو احوال ڏنو ويو آهي. هن خاندان سياسي ۽ سماجي عمل دخل سان گڏ، علم ۽ ادب جي ميدان ۾ به ڪافي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، ان ڪري، هن خاندان جي عالمن، اديبَن، شاعرن ۽ مشاهيرن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي.“(خانائي، ١٩٩٨: ٩)

مذڪوره تذڪري جي تاليف ۾، ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ، تذڪري جي فهرست هن طرح رکي آهي:

باب پهريون: نواب سيد يعقوب علي خان رضويءَ جو خانداني پس منظر، ولادت، تعليم ۽ تربيت، (٢) سير ۽ سفر.

(الف) لاهور جو سفر (ب) شاهجهان آباد (دهليءَ جو سفر) (٣) شهزادن جي تخت لاءِ ويڙھ ۽ مير صاحب جو وطن واپس ورڻ (٤) عالمگيري دربار ۾ حاضري ۽ منصب جو عطا ٿيڻ (٥) سيوهڻ جي فوجداري _ ميان نصير محمد جي شورش _ انتظامي ڪارناما _ سيوهڻ مان موقوف ٿيڻ (٦) بکر جي گورنري 'لُب تاريخ سنڌ' جي غلطي _ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي ٻيو دفعو شورش _ هنگورجن جي هندو ڪاردارن کي سزائون _ زرعي سُڌارا (٧) وفات (٨) شخصيت (٩) تصنيفات (١٠) جاگيرون ۽ آمدني (١١) يادگار آثار: (الف) لاهور (ب) سيوهڻ _ قلندر شهباز رحه جي ڪتهڙي جو سائيبان _ عيد گاھ مسجد ۽ باوُلي (ج) روهڙي _ قلعو شاھ آباد _ قلعي واري ننڍڙي مسجد _ قلعي وارو باغ _ اورنگزيب مسجد _ نولکي باغ _ مير يعقوب خان جو قبرستان_ مستورات جو قبرستان_ (١٢) اهل ۽ عيال

باب ٻيو: سيد مير صادق علي خان رضوي، نواب راجا مريد خان سان تعلقات، سنڌ کان ٻاهر سفر، هڪ اهم تواريخي واقعو، وفات، شخصيت، اهل ۽ عيال

باب ٽيون: سيد مير يعقوب علي خان (ثاني) عرف مير جعفر، يادگار ۽ آثار _ همايون باغ_ شاهه آباد قلعي وارو بنگلو، اهل ۽ عيال

باب چوٿون: ڪوٽائي سيدن جا اديب، شاعر ۽ مشاهير. ١. سيد علي مدد شاهه عرف مير يعقوب علي شاهه (رابع) ٢. سيد همت علي شاهه ٣. سيد فيض احمد شاهه 'جعفري' ٤. سيد اميد علي شاهه ٥. سيد حيدر علي شاهه (ثاني) عرف مير صادق علي شاهه (رابع) ٦. سيد پنجل شاهه عرف مير صفدر علي شاهه ٧. سيد علي گل شاهه ٨. سيد لڳڙ شاهه ٩. سيد تاج محمد شاهه ١٠. سيد شاهنواز شاهه ١١. سيد زوار حسين شاهه 'زوار' ڪوٽائي ١٢. سيد عنايت علي رضوي ١٣. سيد غلام مرتضيٰ شاهه عرف ٽڪيل شاهه ١٤. سيد خادم علي شاهه ١٥. سيد مدد علي شاهه عرف يعقوب علي شاهه (خامس) تعليقات _ جاگير جو فرمان_ مذهبي عقائد_ ضميما ١. شجره خاندان ڪوٽائي سادات روهڙي ٢. سيد حاصل شاهه جو مقبرو ٣. سراءِ جي سيدن جو قبرستان ٤. سيد سلطان شاهه رضويءَ جو مقبرو ٥. روهڙي هندو_ مسلمانن جي صلح بورڊ جي هدايت ٦. مانپٽر ٧. اهم تواريخي ماخذن جو تعارف ٨. ببليو گرافي ٩. ڏسٽي (الف) ماڻهو، قومون ۽ قبيلا (ب) جاگرافيائي ماڳ ۽ مڪان

جيئن تہ تذڪره نويسيءَ جي فن جو هي هڪ بهترين نمونو آهي، جنهن ۾ ليکڪ ڪيترين يادگار تصويرون ڏنيون آهن، جن ۾، تاريخي مسجدون، مسجدن جا آثار، قبرستانن جا قتل آثار، مقبرا، مزارون ۽ انهن جا ڪتبا شامل آهن. جڏهن ليکڪ جي تحقيقي ڪاوش کي ڏسجي ٿو تہ سندس محنت ۽ ڪاوش جو بہ اعتراف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. تاريخ جا ڏنڌلا عڪس ڌوئي انهن تان دز لاهي، ڪيترين ئي قيمتي شين ۽ ڳالهين کي روشن ڪيو ويو آهي. اهو سمورو ڪم اتان جي مقامي ۽ سجاڳ علمي گهراڻن جي تعاون ۽ مدد سان ڪيترائي قلمي نسخا هٿ ڪري، انهن مان مواد جي چونڊ ڪئي اٿائين. سندس زير نظر قلمي ماخذ هيٺ ڏجن ٿا:

١. سيد علي اڪبر شاهه 'فائق' جانشاني! 'شجره سادات رضوي/ نقوي بکر' (قلمي فارسي)
٢. سيد يعقوب علي شاهه (رابع): 'تذڪره مير يعقوب علي خان' (قلمي





فارسي)، ١٣٢٥ھ/١٩٠٧ع.
٣. 'نامي' بيگ محمد: 'تواريخ نوابين بکر' (قلمي فارسي)، مملوڪ 'موسوي لائبريري' روهڙي سنڌ.
٤. 'مجموعہ رقعات' (قلمي فارسي)، ١٢٩٣ھ/ ١٨٧٦ع
٥. سيد غلام مرتضيٰ بن سيد غلام علي رضوي: 'شجره سادات رضوي/ نقوي' (قلمي)، مترجم: سيد پير ڏنو بن سيد خير محمد رضوي، ١٣٦١ھ/ ١٩٤٢ع.
٦. سيد نبي بخش شاهه بڪاري: 'تواريخ بڪار جاگير' (قلمي سنڌي)، ١٣٦٧ھ/ ١٩٤٨ع. مملوڪ سيد صالح شاهه، ائڊووڪيٽ، ساڪن روهڙي سنڌ.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي مذڪوره تذڪري ۾، ڪيترين اهم ڳالهين ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪرايو آهي ۽ هرهڪ شيءِ کي حوالن، مثالن ۽ دليلن سان ٺوس بنيادن تي پيش ڪري ڪيترين ئي مفيد معلومات سان تاريخي ڳالهيون بيان ڪيون آهين. ڊاڪٽر حامد علي خانائي لکي ٿو: ”سنڌ جي مؤرخن، بکر ۽ ٺٽي جي مغل نوابن متعلق جيڪا فهرست مرتب ڪئي آهي، اها ترتيب ۽ سال وغيره جي لحاظ کان گهڻي قدر غلط ۽ نامڪمل آهي. ٺٽي خواهه بکر جا ڪافي نواب ۽ فوجدار اهڙا بہ ٿي گذريا آهن، جن جو انهن مرتب ڪيل فهرستن ۾ نالو ئي درج ٿيل نہ آهي. 'لُب تاريخ سنڌ' ۾ ڏنل نوابن جي فهرست ۾ بہ ڪافي اوڻايون ۽ ڪوتاهيون آهن. 'لُب تاريخ سنڌ' ۾ بکر جي مغل نوابن جي ڏنل فهرست ۾، مير يعقوب علي خان رضويءَ کان پوءِ اٺيتاليهن (٤٨) نمبر تي سندس فرزند مير صادق علي خان رضويءَ کي سن ١٠٥٨ھ/ ١٦٧٥ع ۾ بکر جو مغل گورنر ڄاڻايو ويو آهي. اسان جي تحقيق موجب، اها ڳالهه تواريخي لحاظ کان بلڪل غلط ۽ بي بنياد آهي. دراصل، انهيءَ مذڪوره سال ۾، مير صادق علي خان جو والد مير يعقوب علي خان سيوهڻ جي فوجداريءَ جي عهدي تي موقوف ٿيڻ کان پوءِ، شاهجهان آباد ۾ دربار شاهيءَ ۾ مقيم هو.“(خانائي، ١٩٩٨: ٧٧)

تذڪرا نويسيءَ جو فن هڪ شاهڪار فن آهي، جيڪو سوانح ۽ سفرنامي جي صنفن جي دائري ۾ بہ اچي ٿو. انهيءَ فن تي ڪيترن ئي عالمن جا تذڪرا ملن ٿا. ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جا هن فن بابت ٽئي تذڪرا اهم آهن. جن مان ٻن جو تعلق روهڙي

شهر سان ۽ هڪ تذڪري جو تعلق سکر سان آهي.

**تذڪره شعراءِ روهڙي:**

ادب ۾ تذڪره نويسيءَ جي وڏي اهميت آهي. سنڌي ادب ۾ سنڌ جي شاعرن جو هڪ تذڪرو، پروفيسر لطف الله بدويءَ 'تذڪره لطفي' جي نالي سان ٽن جلدن ۾ لکيو هو، جنهن جي اهميت ۽ افاديت جا معترف پڙهندڙ ۽ لکندڙ آهن. ان تذڪري کان سواءِ مختلف شهرن جي شاعرن به تذڪرا لکيا آهن. پر ان صنف جي حوالي سان روهڙيءَ ۽ ان جي ارد گرد جي ڳوٺن ۽ شهرن سان واسطو رکندڙ شاعرن جي ڪلام جو تذڪرو ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ به لکيو آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي تحقيق ۾ اها ڪوشش ڪئي آهي ته، نيون شيون ۽ نئون مواد مهيا ڪري ڏجي. ان ڳالھ لاءِ هت هڪ مثال پيش ڪجي ٿو ته، سال ۱۹۷۸ع ۾ پروفيسر گل محمد گلاٽيءَ جو هڪ ننڍڙو ڪتاب 'تذڪره شعراءِ روهڙيءَ' جي نالي سان همدرد پريس، سکر مان شايع ٿيو، ان تذڪري ۾ پروفيسر گل محمد گلاٽيءَ، روهڙيءَ جي ڇويهن شاعرن جي سوانح ۽ مختصر ڪلام جو نمونو ڏنو هو. ڊاڪٽر خانائيءَ ان کان پوءِ غير مسلم شاعرن جو ڪلام ۽ سوانح جو احوال ڪٺو ڪيو هو، جنهن ۾ هي شاعر شامل آهن. (۱) لالا پيرومل (۲) لالا شيوارام (۳) لالا خيارام (۴) ٽيڪچند مولچند لالا داس (۵) جمعت راءِ (٦) ديپ سنگھ (۷) لکيمچند نارائڻ داس ڀاٽيہ (۸) تيرٿداس پمناٽي (۹) نانڪ مدڏاٽي (۱۰) سترام داس ڪيولرام ڀڳواناٽي (۱۱) ٿمل ايسرداس ڪيسواٽي 'سروپ' (۱۲) گرداس لعل گهنشام ڀاٽيہ (۱۳) ڪندن لعل 'ناچيز' (۱۴) ڇيٽانند موهن/ سندس والد (۱۵) منشي چيلارام (۱٦) گدومل ڪٽڻ مَل هرجاڻي (۱۷) ديوان نرملداس (۱۸) سانول داس پٽ هاسانند (۱۹) ڊاڪٽر هيرانند (۲۰) راءِ بهادر چنديرام (۲۱) سيٺ سڳنيچند (۲۲) هاسارام سندرداس پمناٽي (۲۳) ڊاڪٽر روچلداس (۲۴) چندا سنگھ مفتون (۲۵) ڀائي پارو شاھ (۲٦) وسڻ (گهوٽ) (۲۷) ڀائي ايسرلعل (۲۸) سرڏن (۲۹) بابا نيپراج (۳۰) اُتم تلريجا (۳۱) گوپ پريتمداس روپچنداڻي (۳۲) جاڙو ڀڳت ۽ سندس پٽ پرسرام: ڀڳت جاڙو رام، ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي والد صاحب حڪيم محمد ميان محمد يعقوب 'صابر' قريشيءَ جو گهرو دوست به هو، جو هن جون لکيل ڪافيون به ڳائيندو هو. ان کان علاوه جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته، ڊاڪٽر خانائيءَ جا، سنڌ





جي صوفي شاعرن تي به مقالا ملن ٿا. ايئن هن جي همعصرن به، انهن جي سوانح ۽ ڪلام تي لکيو ۽ انهن جي ڪلام ڪي مرتب ڪيو آهي ۽ پاڻ انهن کان متاثر ٿيو، تصنيف ۽ تاليف کان علاوه ماهوار 'ادا'، 'رهنما'، 'نئين زندگي' ٽماهي 'مهراڻ'، 'الرحيم'، 'پيغام'، 'سنڌي ادب'، ۽ 'المدينہ' کان سواءِ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ به وافر مقدار ۾ اهم مقالا رقم ڪيائين، جي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو وڏو سرمايو آهن. 'تذڪرا شعراءِ روهڙي' جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته، هُو ادب جي فني ۽ فڪري لوازمات ڪي ڄاڻندڙ هو. سندس تذڪري مان جدت ۽ ترقي پسنديءَ جا جيڪي عنصر ايرن ٿا، تن جي اهميت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي سموري حياتي ادب جي قديم ۽ جديد رخن سان گڏوگڏ ڪيترن ئي حوالن سان هڪ روايت پسند انسان به رهيو آهي.

**تذڪره پوراني سادات سکر:**

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ جو مذڪوره تحقيقي ڪم مفيد معلومات سان آراستہ آهي. هن ڪتاب ۾، 'پوراني سادات' جي آمد کان ويندي، سندن علمي ۽ ادبي ڪارنامن ۽ بزرگن بابت اهم احوال شامل ڪيو ويو آهي، ان ۾ سندس وڏي تحقيقي ڪاوش جو پتو پوي ٿو.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي 'تذڪره پُوراني سادات سکر' جي مُهاڳ ۾ لکي ٿو ته: "مؤرخ سنڌ - سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي وفات کان ڪجھ ورهيہ اڳ ۾، مون ڏانهن هڪ خط لکي ان ڳالھ جو اَظهار ڪيو هو، تہ پاڻ 'تذڪره پوراني سادات' تي ڪم ڪري رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾، راشدي صاحب 'پوراني سادات' جي متعلق مواد ڪٺي ڪرڻ ۾ ڪافي جاکوڙ ڪئي. سکر جي 'سادات پوراني' جي هڪ سڄاڻ ۽ علمي شخصيت _ ميرڪ سيد غلام مصطفيٰ شاھ پڻ انهيءَ تذڪري لکڻ جي سلسلي ۾، ڪيس ڪافي خانداني شجرا ۽ قلمي ڪتاب هٿ ڪري ڏنا هئا. ان کان ڪجھ وقت اڳ ۾، راشدي صاحب فارسي زبان ۾ 'سادات پوراني در سندھ' جي عنوان سان هڪ مقالو لکي. 'يادگار' نالي رسالي ۾ شايع ڪرايو هو. پاڻ ان رسالي جي هڪ ڪاپي پڻ مون کي حيدرآباد ۾ روبرو ڏني هئائين. ليڪن اهو رسالو مون وٽان ڪو مطالعي لاءِ وٺي ويو ۽ وري واپس نہ وريو."(خانائي: ۲۰۰۱: ۱۳)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي، پير حسام الدين، رحيمداد خان مولائي شيدائي، علامہ عمر بن محمد دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪم کان تمام گھڻو متاثر نظر اچي ٿو ۽ سندس تحريرن مان اهڙي قسم جو رنگ پسي سگهجي ٿو. ان ڪري هن انهن ئي پيچرن تي هلي اهڙي نموني جي مواد جي تلاش ۾ نوان رستا اختيار ڪيا آهن جيڪا سندس پنهنجي انفرادي واٽ آهي. تذڪرا پوراني سادات سکر، جي مطالعي دوران ڪيئي اهڙيون ڳالهيون معلوم ڪيون ويون آهن، جن ۾، سندس نرالي تحقيق جي طريقي ۽ ترتيب بابت ڄاڻ ملي ٿي، مثلاً:

”پوراني سادات عرف عام ۾ ’ميرڪي سادات‘ يا ’موسوي سادات‘ ڪري سڏبا آهن، سي سنڌ جي قديم شهرن _ جهڙوڪ: سکر، روهڙي ۽ ٺٽي ۾ آباد آهن. راقم جڏهن ’تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي‘ تصنيف پئي ڪيو، تہ ان وقت منهنجي نوجوان علمي ۽ ادبي دوست، انجنيئر عبدالحسين موسويءَ ’تذڪره پوراني سادات سکر‘ لکڻ لاءِ آماده ڪيو. شاهہ صاحب، رات ڏينهن هڪ ڪري، مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان ڪي سهيڙڻ ۾ منهنجي ڪافي مدد ۽ معاونت ڪئي.“(خانائي، ٢٠٠١: ١٣)

’تذڪره پوراني سادات سکر‘ جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر حامد علي خانائي ڪيترن ئي علمي ۽ تاريخي ڳالهين ڪي مثالي دليلن سان ترتيب ڏئي اهم معلومات پيش ڪئي آهي.

مُهاڳ ۽ تمهيد ڪان پوءِ هن سڀ ڪان پهرين، (١) سيد محمد ’العابدين‘ بن امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جو مختصر احوال ڏنو آهي. سيد محمد ’العابدين‘ جي شيراز ۾ آمد _ وفات. سيد ابراهيم ’مُجاب‘ ڪربلا معليٰ جي مجاورت _ مُجاب جو لقب _ وفات _ اهل ۽ عيال. امير سيد علي بن سيد هادي، امير سيد علي بن سيد هادي، امير سيد محمد بن امير سيد علي، قطب الابدال سيد جلال الدين ابو سعيد پوراني.

پوراني سادات ۽ ارغونن جي تعلقات جو تواريخي پس منظر ۾ لکي ٿو تہ:

”سيد جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ جا پنهنجي وقت جي حاڪمن سان گهرا سياسي ۽ دوستاڻا تعلقات قائم هئا، ۽ وقت جي حاڪمن وٽ ڪين وڏيءَ عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. مير معصوم بکريءَ پنهنجي ڪتاب ’تاريخ معصوميءَ‘ ۾ پوراني سادات ۽ ارغونن جي باهمي تعلقات جو ڪافي تفصيل سان پس منظر بيان ڪيو آهي.“(خانائي، ٢٠٠١: ٣٢)





(٢). محمد خان شيباني ۽ پوراني سادات._ وفات_ اهل ۽ عيال _ سيد محمود عرف شيخ ميرڪ پوراني سادات جي سنڌ ۾ آمد ۽ ان دور جون تواريخي ۽ سياسي حالتون ۾ ڄاڻايل آهي تہ: ”بابر بادشاهہ ۽ ميرزا شاهہ بيگ ارغون جي وچ ۾ ٿيل صلح نامي موجب ميرزا شاهہ بيگ ارغون ’شال‘ ۽ ’سيوي‘ جي علائقي تي قبضو ڪري، سن ٩٢٣هه/ ١٥١٧ع ۾ قنڌار جي قلعي جون ڪنجيون مغل بادشاهہ جي حوالي ڪيون. شاهہ بيگ ارغون جي پاران مير ابو المڪارم جي والد_ مير غياث الدين قنڌار جون ڪنجيون بابر جي خدمت ۾ پيش ڪيون. اهڙيءَ طرح، شاهہ بيگ ارغون ڪنڌار مان نڪري، شال ۽ سيويءَ جي پرڳڻن ۾ اچي رهيو. جيئن تہ شال ۽ سيوي پرڳڻن جي آمدني تمام ٿوري هئي ۽ ان مان ارغونن جي خرچ جو پورائو ٿي ڪونہ ٿي سگهيو، انهيءَ ڪري سندن حريص نگاهون هميشہ سنڌ جهڙي سڪئي ستابي ملڪ طرف ڪُتل هيون ۽ هو هميشہ ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هئا.

ارغون - ڦر لٽ جي لحاظ ڪان پهريائين ’ڪوٽ ماڇين‘ ۽ ’چانڊڪا‘ جي پرڳڻن ۾ ڌاڙيلن وانگر ڪاهي آيا ۽ پنهنجيون ڦهري ڪاروايون شروع ڪيائون. ڳوٺن جا ڳوٺ، واهڻن جا واهڻ ۽ بستيون ڦُري چٽ ڪري، پڙپانگ ڪري ڇڏيائون.“(خانائي، ٢٠٠١: ٣٦)

(٣) سيد بايزيد الحسيني پوراني _ عبيدالله خان ازبڪ ۽ سيد بايزيد الحسيني _ سيد بايزيد جي ڪابل ۾ سڪونت ۽ ميرزا ڪامران جي سرپرستي _ ميرزاڪامران جي پاران سفارت _ وفات _

سيد بايزيد الحسينيءَ جي خوش نويسيءَ بابت خانائي لکي ٿو تہ: ”سيد بايزيد الحسني هڪ بي مثل خوش نويس هو ۽ هرقسم جا نهايت ئي عمدا خط لکندو هو. خوش نويسيءَ ۾ سندس استاد مولانا اظهر هو.“(خانائي، ٢٠٠١: ٦١)

(٤) ميرڪ سيد محمد بن ميرڪ عبدالاول پوراني، ميرڪ سيد محمود بن ميرڪ عبدالاول پوراني، ميرڪ سيد تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول پوراني، ميرڪ سيد محمد مرتضيٰ، ميرڪ غلام حسين شاهہ، بيبي الله ڏڪائي، ميرڪ غلام علي ۽ سندس اولاد _ مير ڏتل شاهہ _ مير قلندر بخش شاهہ - مير شاهہ محمد شاهہ، مير الله ڏنو شاهہ، سيد عبدالرحمان شاهہ .

’سيد عبدالرحمان شاهہ جو ائٽڪن صاحب ڪي لکيل خط ۽ تواريخي غلطيءَ جو ازالو ۾‘، ڊاڪٽر حامد علي خانائي لکي ٿو: ”ميرڪي سادات، جي مخطوطن ڪي

اُٽلائيندي پُٽلائيندي سيد عبدالرحمان شاهه جو انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ خط دستياب ٿيو آهي، جو هن اي.ايڇ. ائٽڪن کي ڏانهس سنڌس پهرين اپريل ١٩٠٦ع واري خط جي جواب ۾ لکيو هو. اي.ايڇ. ائٽڪن ان زماني ۾ بمبئي سرڪار پاران سنڌ صوبي جو گزيٽيئر مرتب ڪري رهيو هو. ائٽڪن صاحب انهيءَ سلسلي ۾، سيد عبدالرحمان شاهه کي پنهنجي پنهنجي سڪر جي 'ميرڪي سادات' جو احوال لکي موڪلڻ لاءِ گذارش ڪئي هئي، جنهن جي جواب ۾ شاهه صاحب جو اهو مذڪور خط لکيو هو. هتي عبدالرحمان شاهه جي ان لکيل انگريزي خط جو متن ملاحظ لاءِ ڏجي ٿو."(خانائي: ٢٠٠١: ١٣٢، ١٣٣)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي مذڪور تذڪري ۾، خط ڏيڻ کان پوءِ ان جي حقيقت بابت لکي ٿو ته: "سيد عبدالرحمان شاهه جي انهيءَ مٿئين خط جي عبارت کي ڏسي اهو تعجب ٿو ٿئي ته، شاهه صاحب جيئن ته پاڻ 'ميرڪي سادات' جو فرد هو ۽ ڪيس پنهنجي خانداني احوال جي پوريءَ طرح ڄاڻ هئي، انهيءَ جي باوجود هن ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ ۽ سنڌس والد _ امير ميرڪ شاهه بايزيد پورانيءَ جي باري ۾ غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو آهي. شاهه صاحب جي انهيءَ مذڪور خط مان چند تواريخي غلطيون واضح ٿين ٿيون:

(الف) سيد عبدالرحمان جو قول آهي ته امير ميرڪ شاهه يايزيد پوراني سن ٩٢٨هه ۾ مرزا شاهه حسين سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ بکر جو حاڪم ٿي رهيو، ڪجهه وقت کان پوءِ ميرڪ بايزيد الحسينيءَ بکر جي حڪومت جي واڳ پنهنجي فرزند - مير عبدالباقيءَ جي سپرد ڪري پاڻ قنڌار هليو ويو هو.

اسان هن تذڪري ۾ 'ميرڪي سادات' جو ڪافي تفصيل سان ذڪر بيان ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪيترائي، خانداني تذڪرا ۽ شجرا اسان جي مطالعي هيٺ رهيا آهن، جن مان اهو ڪٿي به ظاهر ڪونه ٿو ٿئي ته ڪو اهي ٻئي بزرگ بکر جا حاڪم ٿي رهيا هجن! البت ميرڪ عبدالباقيءَ پورانيءَ لاءِ ڪن مؤرخن اهو لکيو آهي ته هيُ بکر جو 'شيخ الاسلام' ٿي رهيو هو، ليڪن اسان انهيءَ ڳالهه کي به تواريخ جي روشنيءَ ۾ اڳ ٿي رد ڪري آيا آهيون."(خانائي: ٢٠٠١: ١٣٥)

(۵) ميرڪ پنيل شاهه، سيد غلام لطيف شاهه 'آفتاب' سيد قائم علي شاهه موسوي، سيد نواز علي شاهه، ميرڪ بهار علي شاهه 'قربان' سيد پناهه علي شاهه، سيد دلدار حسين شاهه موسوي، ميرڪ غلام مصطفيٰ شاهه، سيد غلام حيدر شاهه، سيد





مقبول حسين شاهه موسوي، سيد عاشق حسين شاهه 'عاشق'

**روهڙيءَ جا ميرڪي سادات:**

سيد وڏيل شاهه موسوي، شادي ۽ اولاد وفات _ تصنيفات ۽ تاليف. سيد عطاحسين شاهه موسوي _ اهل ۽ عيال _ وفات _ شخصيت _ تصنيفات. سيد عبدالحسين شاهه موسوي _ تصنيفات. سيد جواد حسين شاهه موسوي. ڊاڪٽر سيد اڪبر حسين شاهه موسوي _ سيد عبدالرحيم موسوي، ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسوي.

**ميرڪي سادات جا گورستان ۽ آثار:**

_ چبوترن واريون قبرون، ميرڪ جو قبو _ ميرڪي سادات جا مقبرا _ تڪري وارا چبوترا _ ٻيبي داديءَ جي مزار _ حلالي حراميءَ وارو منارو _ ميرڪي سادات جي مسجد _ ڏتل شاهه جو مڪان _ چپريءَ وارو اوتارو. مير غوث بخش شاهه جي مسجد ۽ امام بارگاهه.

ضميمو (١): متفرق سادات سڪر. (الف) خبوشاني سادات (ب) سيد زئي (ج) بهاولي سادات (د) مير سيد مصطفيٰ ۽ سنڌس اولاد (هه) سبز واري سادات (و) رضوي مشهدي ملتاني سادات

ضميمو (٢): ميرڪي سادات جو منظوم نسب نامو. ضميمو (٣): شجره خاندان ميرڪي پوراني عربشاهي سادات. ضميمو (۴) شجره خاندان خبوشاني سادات. ضميمو (۵)؛ شجره خاندان سيد زئي سادات. ضميمو (٦): شجره خاندان مير سيد مصطفيٰ. ضميمو (٧)؛ شجره خاندان رضوي مشهدي ملتاني سادات. ضميمو (٨)؛ سيد عطا حسين موسوي جي لکيل مضمونن جو وچور تعليقات.

**(الف) مشاهير**

امير ڪبير سيد علي همداني، جلال الدين با يزيد پوراني، سيد محمد 'نوربخش'، سلطان علي مشهدي، سلطان حسين ميرزا بايقرا، مير علي شير 'نوائي'، امير ذوالنون ارغون، محمد خان شيباني، عبدالوهاب مغل، سلطان بديع الزمان مرزا،

عبدالله خان ازبڪ، ظهير الدين بابر، شاهه اسماعيل صفوي، ميرزا ڪامران، مخدوم محمد وارث، سيد فتح محمد شاهه شيرازي، ميرزامدد علي بيگ.

**(ب) جاگرافيائي ماڳ ۽ مڪان**

استر آباد _ پوران _ حائر _ خبوشان _ خَتلان _ داور _ سبزوار _ شيراز _ غور _ فَراهه _ قبچان _ قنذار _ ماوراءُ النهر _ مرمر _ مشهد _ نيشاپور _ هرات _ هُرمز _ هممدان.

**ببليو گرافي:**

ببليو گرافيءَ واري (الف) حصي ۾، انن قلمي نسخن مان مدد ورتي وئي آهي. (ب) حصي ۾، سنڌي (۲۵) ڪتاب ۽ (ج) حصي ۾، ڇٽيهه (۳٦) اردو ڪتاب ۽، (د) حصي ۾، تيرنهن (۱۳) فارسي ڪتاب ۽، آخري (هه) حصي ۾، نوَن (۹) انگريزي ڪتابن ڪان مدد وٺي ڪل ٽي سئو ڀاويهه صفحن تي، مذڪوره تذڪرو پورو ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي ٽنهي تذڪرن بابت عالمن ۽ اديبن جا رايا.

**تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي:**

مولانا محمد پريل 'بيدار' مگريو، پنهنجي مضمون 'سنڌ جو اوَرچ اديب: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي' ۾ لکي ٿو ته: "هيءُ ڪتاب روهڙيءَ جي 'ڪوٽائي سادات' تي نهايت تحقيق سان لکيو ويو آهي. هن ۾ نقوي/ رضوي خاندان جو احوال، شجرا ۽ ٻيو قيمتي تواريخي احوال ڏنل آهي. مغلن جي گورنر ۽ 'ڪوٽائي سادات' جي مورث اعليٰ _ مير سيد يعقوب علي خان رضوي ۽ اُن جي خاندان جو مفصل ذڪر آيل آهي. اُن ڪي عالمگير جي حاضريءَ وقت منصب جو عطا ٿيڻ، سنڌس انتظامي ڪارناما، بکر جي گورنري ملڻ، شاعري، تصنيفات ۽ ان جي خاندان جي شاعرن ۽ اديبن جي احوال تي هڪ تواريخي ۽ اهم دستاويز آهي. مشهور ڪافي گو شاعر - سيد اميد علي شاهه ڪوٽائي جو مفصل احوال آيل آهي ۽ سنڌس ڪافين، ڏوهيڙن ۽ بيتن جو انتخاب پڻ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ان دؤر جي تواريخ تي ڪافي مواد ملي ٿو. حاشين ۽ احوالن ڪي ڏسي، ڊاڪٽر صاحب جي محنت ۽ جاکوڙ جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو.





مطلب ته تواريخ جي تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ هيءُ ڪافي سُونهون ڪتاب آهي."(مگريو، ۲۰۱۱::۹۷، ۹۸)

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو، پنهنجي مضمون 'ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي: سنڌ جو خاموش طبع عالم ۽ محقق' ۾ لکي ٿو ته: "هن تذڪري ۾، نه صرف مير صاحب جي سياسي، سماجي، علمي ۽ انتظامي ڪارنامن ڪي تحقيقي پيرائي ۾ بيان ڪيو ويو آهي، بلڪ سنڌس اولاد مان هڪ ٻئي پٺيان جيڪي گادي نشين ٿيندا آيا آهن، تن جو مفصل احوال پڻ شامل ڪيو ويو آهي. سائين حامد عليءَ، نواب مير سيد يعقوب علي خان جي متعلق، منتشر مواد ڪي مختلف عنوانن ۾ ورهائي، هرهڪ عنوان تي نهايت تفصيلي روشني وڌي آهي. آخر ۾، ڪتاب ۾ آيل مواد سان واسطو رکندڙ واقعن متعلق تعليقات ۽ ضميما پڻ ڏنا ويا آهن، جنهن جي ڪري علمي ۽ تحقيقي لحاظ ڪان ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت وڌي وڃي ٿي."(گهانگهرو، ۲۰۱۱: ۱۰۵)

عبدالقيوم 'صائب' پنهنجي مضمون 'تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي' (تبصرو) ۾ چوي ٿو ته: هن ڪتاب ۾ ڪي خوبيون نظر اچن ٿيون، جهڙوڪ:

(الف) نواب مير سيد يعقوب علي خان رضويءَ جو مفصل احوال ڏنو ويو آهي.

(ب) ڪيترن تواريخي واقعن ۽ سنن جون اهل قلم ڪان ٿيل غلطيون درست ڪيون ويون.

(ج) حاشين لکندي، وڏيءَ تحقيق ڪان ڪم ورتو ويو آهي. اهي حاشيا معلومات سان ڀريل آهن.

(د) ڪوٽائي سيدن جي اديبن ۽ شاعرن جي ادبي ۽ شعروشاعريءَ بابت خاصو مواد مهيا ڪيو ويو آهي.

**غلطين جي درستگين جا چند مثال:**

خانبهادر خداداد خان پنهنجي ڪتاب 'لُب تاريخ سنڌ' ۾، بکر جي مغل گورنرن جي ڏنل فهرست ۾، مير يعقوب علي خان ڪي ۴۷ نمبر تي ڄاڻائيندي، سنڌس گورنر مقرر ٿيڻ جو سن ۱۰۸۱ه/ ۱٦۷۰ع بيان ڪيو ويو آهي. دراصل اهو ڄاڻايل سن بلڪل غلط آهي. انهيءَ مذڪورسال، يعني: ۱۰۸۱ه/۱٦۷۰ع ذاري، مير صاحب سيوهڻ

جو فوجدار هو ۽ سن ١٠٨٤ھ/ ١٦٧٣ع تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو.”(صائب، ٢٠١١ع: ٢١٩، ٢٢٠)

**تذڪره پوراني سادات سکر:**

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، پنهنجي مضمون ’ساهتي پرڳڻي جو وِهائُو تارو: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي‘ ۾ لکي ٿو ته: ”تذڪره پوراني سادات سکر، ۾ پوراني سادات (ميرڪي/ موسوي سادات) جي سنڌ ۾ آمد، ان دؤر جون تواريخي سياسي حالتون، ۽ موجوده دور تائين عالمن ۽ اديبن جون علمي خدمتون بيان ڪيل آهن.”(قادري، ٢٠١١: ٤٧)

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو لکي ٿو ته: ”تذڪره پوراني سادات سکر، وچ ايشيا ۽ سنڌ ۽ هند جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سياسي تواريخ ۾ ’پوراني سادات‘ جو ذڪر جاءِ بجاءِ ملي ٿو. هن گهراڻي جي ڪيترن ئي باوقار فردن جي علمي، ادبي، تواريخي ۽ فقهي خدمتن جو هند ۽ سنڌ جي بلند مرتبي جي عالمن ۽ محققن پنهنجي لکيتن ۾ نمايان طور ذڪر ڪيو آهي. سائين حامد علي، سنڌ جو پهريون محقق عالم آهي، جنهن هن خاندان متعلق ٽڙيل پکڙيل مواد کي ڪٺو ڪري، هڪ ڪتاب جي شڪل ۾ محفوظ ڪيو آهي، ان ڏس ۾، نه صرف سکر جي ’پوارني سادات‘ جي اهم شخصيتن جو احوال ڏنو آهي، بلڪ ان دؤر جي تواريخي ۽ سياسي پس منظر ۽ ٻين ڪيترن اهم ڳالهين تي به روشني وڌي وئي آهي.“ (گهانگهرو، ٢٠١١: ١٠٥، ١٠٦)

’نقش‘ ناياب منگي، مضمون ’تذڪره پوراني سادات سکر‘ (هڪ تعارف)، ۾ لکي ٿو ته: ”جس آهي ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي صاحب کي، جنهن سکر جي پوراني ساداتن تي ’تذڪره پوراني سادات سکر‘ جي نالي سان ٣٢٠ صفحن جو هڪ ضخيم ڪتاب لکي. وڏي ضرورت پوري ڪئي آهي، منجهس خاندان جو شخصيتن جو تذڪرو موجود آهي.

ان ڪان علاوه ٣٥ صفحن تي شجرا پيش ڪيا ويا آهن. پوراني سادات مان اڪيچار عالم خوش نويس ۽ خطاط هئا، جن کي تواريخ ۾ وڏي اهميت حاصل رهي آهي. ڊاڪٽر خانائيءَ انهن قديم آثارن جو به ذڪر ڪيو آهي، جي هن خاندان نٽي ۽ سکر ۾ ڇڏيا آهن. انهن ۾ هن خاندان جي قبرستان جي چاڻ ملي ٿي.“ (منگي، ٢٠١١: ٢٣١، ٢٣٢)





**تذڪره شعراءِ روهڙي:**

ادبي تاريخ جي حوالي سان تذڪره نويسيءَ جي تمام گهڻي اهميت ۽ افاديت معلوم ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو تذڪره نويس اڪثر ڪري هن فن ۾، تاريخ جي به کوج ڪندا آهن جنهن سان ملڪي حالات ۽ واقعات کي به سمجهي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر حامد علي جي ٻن تذڪرن ۾ مذڪور تذڪري جي وڏي اهميت آهي. انور منصور مگريو لکي ٿو:

”هن تذڪري ۾ آڳاٽي/ قديم دور کان وٺي موجوده دور تائين، روهڙي شهر سان تعلق رکندڙ قديم ۽ جديد شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن شاعرن ۾ سنڌي زبان ڪان علاوه فارسي، عربي ۽ سرائڪي ٻولين جا شاعر به شامل ڪيا ويا آهن. هن تذڪري ۾ هر شاعر جي مختصر سوانح حيات، سندس ڪلام تي تبصرو/ تنقيد ڪرڻ ڪان علاوه، ان شاعر جي ڪلام جو انتخاب پڻ ڏنو ويو آهي.”(منصور مگريو، ٢٠١١ع، ١٣٤)

سنڌي ٻوليءَ ۾، تذڪره نويسيءَ جي فن جي روايت بابت ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي تحقيقي مقالي ’سنڌي شاعرن جا تذڪرا‘ حاصل ٿيل تحقيقي نتيجا ۾ لکي ٿو ته: ”تحقيقي طور اِهو ظاهر ٿيو آهي ته سنڌي شاعرن جي تذڪره نگاريءَ جي شروعات ١٨٨٣ع ۾ ٿي آهي.”(هڪڙو، ٢٠١٣: ١٣)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي تذڪري ’تذڪره ڪوٺائي سادات سکر‘ جي باب چوٿون ۾، ڪوٺائي سادات جا اديب، شاعر ۽ مشاهير ۾ لکي ٿو ته: ”نواب سيد يعقوب علي رضويءَ جي گهراڻي مان وقت به وقت وڏا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا پئي ٿيا آهن، جن سنڌي ۽ فارسي زبانن ۾ ڪيترائي نادر ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا. انهن عالمن ۽ اديبن جي علمي ذخيري مان ڪافي ڪجهه وقت جي وهڪري ۾ وهي چڪو آهي. البت، هن وقت باقي جيڪو ڪجهه بچيو آهي، اهو سندن پونيرن وٽ تبرڪ طور محفوظ رهندو اچي. ’ڪوٺائي سادات‘ جا هيٺيان عالم، اديب، شاعر ۽ مشاهير قابل ذڪر آهن:”(خانائي، ١٩٩٨: ٩٨)

انهن شاعرن، اديبن ۽ مشاهيرن ۾، پندرنهن (١٥) شخصيتن جا نالا ڏنا ويا آهن، ان ڪان پوءِ انهن شخصيتن جي سوانح حيات ۽ سندن علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي ڪارنامن ۽ ڪلام جو انتخاب ڏنو ويو آهي. پهرين نمبر (١) تي سيد علي مدد شاه

عرف مير يعقوب علي شاهه (رابع) جو احوال ڏنو ويو آهي. اسان هتي تذڪري ۾ ڇاٽايل انين نمبر (٨) شاعر، لکڻ شاهه جي ڪلام جو نمونو ڏيندا سين. ڇاڪاڻ جو شاهه صاحب بابت تذڪره نگار ڄاڻايو آهي ته، ”لکڻ شاهه سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾، بيت، ڪافيون، وايون، غزل، قصيدا، مرثيا، زاريون، لوليون ۽ ٽيهه اکريون چيون آهن. سندس ڪلام جو ذخيرو قلمي صورت ۾، سندس پوين وٽ محفوظ آهي. شاهه صاحب جي ڪلام جي مطالعي ڪان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو، ته پاڻ ڪافي ۽ غزل جي صنفن ۾ تمام عمدو ۽ نفيس ڪلام چيو اٿائين. سندس ڪافين ۾ محبت، درد ۽ دلي اضطراب جي ڪيفيت معلوم ٿئي ٿي، ته سندس غزلن ۾ وري محبوب جي حسن ۽ رعنائيءَ، ناز وانداز، عشوه گريءَ ۽ جورو جفا جو ذڪر ملي ٿو:

ڪلام جو انتخاب

بسم الله آيو اڄ دلبر ڏسڻ جي واسطي،
مون نماڻيءَ ساڻ سو، سهٽل ملڻ جي واسطي،

١. قرب مان پنهنجا ڪٽي، آيو قدم دلبر مون در،
خوب سو خاوو خوشيءَ مان، ڳُجهه ڳنڍڻ جي واسطي.

٢. چيائين ڏاڍا ڏينهن لاتئي، يار! تو پرديس ۾،
هاڻ هت آيو آهين، چالاءِ گهمڻ جي واسطي.

٣. مون چيو پيارل صرف، ديدار لاءِ هيءَ دل منهنجي،
دربدر رُلندو وتي ٿي، تو سڄڻ جي واسطي.

٤. الوداع چئي سو سڄڻ، موٽيو وري پنهنجي مڪان،
عرض ڪيو مون پيشوا ٿيان، گڏ گهمڻ جي واسطي.

٥. چيائين مون ڪي ڪونه ڪو ٻيو، ساڻ ڪو انسان ڪپي،
آئون ته پنهنجي جاءِ تي، ويندس ملڻ جي واسطي.

٦. قسمت سان ٿيو اوهان جو ملڻ، هڪ دلبربا تون عرض ٻڌ،
بوسو هڪ مون ڪي ملي، هن دل سڙڻ جي واسطي.

٧. جي چڱو تنهنجي نصيبن ۾، ”لکڻ“ آهي لکيل،
تان پيالو هاشمي، ڏيندو پيڻ جي واسطي. “(خانائي، ١٩٩٨: ١٥٧، ١٦٠)

اسان جڏهن، ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي علمي، ادبي، تعليمي، تحقيقي ۽





تنقيدي ڪم جو تجزيو ڪريون ٿا ته، اسان کي سندس تحريرن ۾ خيال پڪا پختا نظر اچن ۽ پڙهندڙ ان جي پيشڪش کان متاثر ٿيڻ کان رهي نه ٿو سگهي. تذڪرا نگاريءَ ۾ هُو قديم زماني کان ويندي موجوده زماني جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالات کي هڪ تسلسل سان پيش ڪري ٿو، جنهن مان سندس علمي قابليت، مقصد ۽ مخاطب سڀ عنصر چٽا نظر اچن ٿا.

ڊاڪٽر قريشي حامد علي ’مقالات خانائي‘ (جلد پهريون) شخصيات جي عنوان ’آخوند ميان فيض محمد روهڙيءَ وارو‘ جي احوال ۾ لکي ٿو ته: ”آخوند ميان فيض محمد جي خاندان حالات جي باري ۾، سنڌ جي ڪنهن به مؤرخ يا تذڪره نگار ڪوبه احوال نه ڏنو آهي. سنڌ جا اڪثر تذڪره، آخوند صاحب جي احوال کان خالي نظر اچن ٿا. سنڌ جي پوئين دؤر جي تذڪره نويسن جهڙوڪ: مولانا دين محمد وفائي ۽ پروفيسر لطف الله بدويءَ پڻ هن اديب ۽ شاعر کي پنهنجي تذڪرن ۾ نظرانداز ڪيو آهي. پروفيسر گل محمد گلاٽي، روهڙيءَ ۾ ڪافي وقت رهيو ۽ ’تذڪره شعراءِ روهڙي‘ نالي هڪ ڪتاب تاليف ڪيائين، افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته هن صاحب به پنهنجي تذڪري ۾ آخوند ميان فيض محمد کي ڪنهن به طرح سان ياد نه ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو، ”تذڪره شعراءِ سکر“ پڻ هن بي بدل شاعر ۽ اديب جي احوال کان خالي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.“ (خانائي، ٢٠٠٦: ١٨٩)

**نتيجو:**

جيئن ته اسان جي تحقيق جو تعلق، ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي تذڪرن سان آهي، ان ڪري ان جي ٽنهي تذّڪرن مان جيڪو نتيجو اڀو آيو آهي ته، سندس ٽئي تذڪرا سنڌي ادب ۽ تاريخ جو اهم باب آهن، انهن ٽنهي تذڪرن جي متن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جو اهم باب کوليو ويو آهي. تذڪرن جي مواد ۾، جيڪا کوجنا نظر اچي ٿي ان ۾، تذڪرا نگار جي علمي ۽ ادبي شوق ۽ جذبي کي داد ڏجي ٿو. سنڌ ۾ روهڙي ۽ سکر جا شهر هن وقت اهڙيءَ طرح، سنڌو دريا تي ڪرڪنيو پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا سان سلامت بيٺا آهن. سنڌن ڪنارن تي سنڌو درياهه پنهنجي شوم ۽ شوق سان موجزن آهي. ڊاڪٽر خانائيءَ جي تذڪرن جي تحقيق مان هي به نتيجو نڪري ٿو ته، روهڙي ۽ سکر جا شهر، سنڌ جي قديم تاريخ کي پنهنجي دامن ۾ سانديون وينا آهن، انهن شهرن

جي تاريخ کي، ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ ڪنا ڪيڙ ڪري اجاگر ڪيو آهي. انهن ٽنهي تذڪرن جو تعلق اتر سنڌ جي ٻن جاڙن تاريخي شهرن روهڙي ۽ سکر سان آهي ۽ ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ انهن شهرن جي تاريخ ۽ حالات ۽ واقعات کي جهڙي طرح اجاگر ڪيو آهي، هن کان اڳ ۾، اهڙي نوعيت ۽ طريقي جو تذڪره نگارن جي تذڪرن ۾ ذڪر نٿو ملي. هن کان اڳ ۾ اسان کي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو لکيل تذڪرو "تذڪره شعراءِ سکر" سال ١٩٦٥ع ۾ ٻيو تذڪرو. پروفيسر گل محمد گلاٽيءَ جو "تذڪره شعراءِ روهڙي" ١٩٧٨ع ۾ ملن ٿا. جڏهن اسان ٽنهي تذڪره نگارن جي تذڪرن جو اڀياس ڪريون ٿا تہ اسان کي ٽنهي تذڪرن نگارن جي تذڪرن ۾، جداجدا ڳالهيون ۽ جدا جدا شاعرن جون سوانح ۽ ڪلام جا نمونا ملن ٿا. تذڪره نگاريءَ جي فن تي لکيل تحقيقي مقالن ۽ تصنيفن ۾، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ پروفيسر گل محمد گلاٽيءَ جي تذڪرن جو محققن ذڪر تہ ڪيو آهي، پر، ڊاڪٽر حامد علي خانائي کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. انهيءَ صورتحال کي مدنظر رکي هن تحقيق کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ هڪ رڪارڊ طور ان جي تذڪري نگاريءَ جي فن کي سنڌي ادب جي ميدان ۾ تحقيقي حساب سان محققن ۽ نقادن کي ياد ڏيارو ويو آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جو هي علمي ڪم اڻ ڇهيل رهيو آهي، جنهن کي پڌرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هُن تذڪرن ۾، نيون ڳالهيون ڪيل آهن، جيڪي اڳ ۾ پيش ڪيل تذڪرن ۾ ڪونہ آهن، مثال طور هنن. تذڪرن جي تاليف ۾، هڪ خاص ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن ۾ تاريخ، جاگرافي، تاريخ ساز شخصيتن جي سوانح حيات سان گڏو گڏ ڪيترن ئي اهم واقعن ۽ شاعرن جي ڪلام جي چونڊ ڪري، ان ۾ پنهنجو تنقيدي نقطءِ نظر ڏئي، تذڪره نگاري جي فن کي ترقي يافتہ صورت ۾ آندو آهي.

## حوالا


١. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، 'سنڌ ۾ فارسي ۽ سنڌي شاعرن جا تذڪرا'، (تحقيقي جرنل) 'ڪينجهر'، شمارو ١٦، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠١٣ع.

٢. قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، 'تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي'، (پهريون ڇاپو)، ساهتي ادبي اڪيڊمي، نواب شاهہ ١٩٩٨ع.







٣. قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، 'تذڪره پوراني سادات سکر'، (ڇاپو پهريون)،ساهتي ادبي اڪيڊمي نواب شاهہ ٢٠٠١ع.

٤. هيسباڻي، بشير، (مرتب)، 'ساهتي پرڳڻي جو وِهائُو تارو: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي'، سوانح حيات، علمي ۽ ادبي خدمتون (ڇاپو پهريون)، ساهتي ادبي اڪيڊمي، نواب شاهہ ٢٠١١ع.

٥. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، 'سنڌي شاعرن جا تذڪرا'، (تحقيقي جرنل)، 'ڪينجهر'، شمارو ١٧، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠١٤ع.

٦. جوڻيجو، عبدالجبار، 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ'، (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٦ع.

٧. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جو تاريخي جائزو'، (پهريون ڇاپو)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٢ع.

٨. قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، 'تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي'، (پهريون ڇاپو)، ساهتي ادبي اڪيڊمي، نواب شاهہ ١٩٩٨ع.

٩. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ١٩٩٣ع.

١٠. قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، 'مقالات خانائي'، جلد پهريون، (شخصيات)، مرتب: بشير احمد هيسباڻي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ٢٠٠٦ع.